
# صُلح حُدَيبِيه

## جا 2 سبق

**16 July 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

16 جولاءِ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 01 صفر شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# صُلح حُدَيبِيہ جا 2 سبق

(ڪاميابي جي راه ۾ حڪمت و تدبير جي
اهميت ۽ بدشگوني جي ڪاٽ جو بيان)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... صُلح حُدَيبِيہ حڪمت ۽ تدبير جو بيمثال واقعو
- ✿... سٺي تدبير اپنايو!
- ✿... ڪاميابيءَ جون ہ شرطون
- ✿... ڪرشمن جو انتظار نہ ڪيو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي (شخص) نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ کيس قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

| | |
|---|---|
| کاسہ عمل کا خالی تھا ایسا کرم ہوا | جنت میں لے گئی مجھے عادت درود کی |
| سب کام بن رہے ہیں کوئی رنج و غم نہیں | لمحہ بہ لمحہ ساتھ ہے برکت درود کی |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

---

1… معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! صُلح حُديبيہ اسلامي تاريخ جو اهو عظيم واقعو آهي، جنهن سبب اسلام ايتري ترقي حاصل ڪئي جو ان کان پهريان ڪڏهن نہ حاصل ڪئي هئي. اسلامي تاريخ ۾ هي هڪ نرالو ۽ اڻ ٽيڙو موڙ هو، هن صلح جي ظاهري صورت ٻڌائي رهي هئي تہ مسلمانن شڪست کائي ويا، پر محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هن صلح جي پويان لڪل رازن کي ڏسي رهيا هئا. هي صُلح پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمت، دانائي ۽ تدبيرِ اُمُور جو هڪ شاهڪار آهي. اچو تہ! هن صلح جي مختصر تفصيل (*Details*) ۽ ان مان ملندڙ سبق ٻڌون ٿا:

## صلح حُديبيہ حڪمت ۽ تدبير جو بيمثال واقعو

سن **6** هجري جو واقعو آهي، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم **1400** صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهم کي ساڻ ڪري عمري جو احرام ٻڌي مڪي پاڪ ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن حُدَيْبِيَه نالي مقام آيو تہ اوچتو (*Suddenly*) پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڏاچي **قَصويٰ** ويهي رهي، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهم کي پريشاني ٿي تہ اڄ قصويٰ خلافِ عادت ائين چو ويهي رهي آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وَآلِهٖوَسَلَّم فرمايو:

مَا خَلَاتِ الْقَصْوَاءُ، وَمَا ذَاكَ لَهَا بِخُلُقٍ، وَلٰكِنْ حَبَسَهَا حَابِسُ الْفِيْلِ

**ترجمو:** قصويٰ ضد ڪري نہ ويٺي آهي ۽ نہ ئي هن جي اهڙي عادت آهي، پر هِن کي اُنهيءَ (رب ڪريم) روڪي ڇڏيو آهي، جنهن هاٿين (يعني ابرهہ جي فوج) کي روڪي ڇڏيو هو. (1)

يعني قصويٰ ڏاچيءَ جو اهڙي طرح خلافِ معمول (*Unusually*)ويهي رهڻ هڪ خدائي اشارو هو تہ هي مبارڪ قافلو مڪي پاڪ ڏانهن نہ وڃي پر اِتي ئي حُدَيْبِيَہ ۾ ترسي پوي.

هيڏانهن مسلمانن جو اِهو قافلو حُدَيْبِيَہ ۾ ترسيو، هوڏانهن مڪي جي ڪافرن سمجهيو تہ شايد مسلمان جنگ جي ارادي سان آيا آهن، تنهنڪري انهن بہ جنگ جي تياري شروع ڪري ڏني. خير! واقعو ڊگهو آهي، پر مان ٿورو مختصر ڪري رهيو آهيان، هاڻي ٻنهي پاسن کان هڪ ٻئي ڏانهن قاصد موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو تہ جيئن معلوم ٿي سگهي تہ غير مسلم ڇا ٿا چاهِن ۽ مسلمان ڇا ٿا چاهِن. سڀ کان پهريان بُدَيل نالي هڪ شخص غير مسلمن جي طرفان قاصد بڻجي آيو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖوَسَلَّم فرمايو: اهلِ مڪہ کي ٻڌايو تہ اسان جنگ جو ارادو نہ ٿا رکون، اسان تہ بس عمرو ڪرڻ جي لاءِ آيا آهيون، عمرو ڪري واپس هليا وينداسين.

پر بدنصيب غير مسلم هن ڳالهہ تي بہ راضي نہ ٿيا، اُهي ڪنهن بہ صورت

1...بخاري،کتاب الشروط، باب الشروط فی الجهاد...الخ، صفحہ:705، حديث:2732۔

۾ هن ڳالهه جي حق ۾ نه هئا ته مسلمان مکي ۾ داخل ٿين. خير! مذاڪرات جو سلسلو جاري هو، ان دوران سهيل بن عمرو نالي هڪ شخص غير مسلمن جي طرفان قاصد بڻجي حاضر ٿيو. جڏهن هِي حُدَيْبِيَه پهتو ته پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي سُهَيل (يعني آسانيءَ وارو) اچي ويو آهي، هاڻي توهان جو معاملو آسان ٿي ويندو.

سُهيل اچڻ سان ئي چيو: اي محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن توهان جنگ نه ٿا چاهيو، امن چاهيو ٿا ته اچو! اسان گڏجي شرطون طئي ڪري وٺون ٿا. پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪافي دير تائين سهيل سان گڏ ويهي شرطن (*Terms & Conditions*)تي ڳالهه ٻولهه ڪندا رهيا، آخرڪار ٻنهي طرفن کان شرطون طئي ٿي ويون ۽ امن معاهدو لکي ان تي صحيحون ڪيون ويون.

هتي جيڪا حيرت انگيز ڳالهه سامهون اچي ٿي اها هيءَ هئي ته هن معاهدي ۾ مسلمانن تي سخت پابنديون عائد ڪيون ويون هيون ۽ غير مسلمن کي تمام گهڻي ڇُوٽ ڏني وئي هئي، مثال طور: ان ۾ هڪ شرط هيءَ به هئي ته جيڪڏهن مديني جو ڪو شخص مکي هليو اچي ته اهلِ مڪه ان کي پاڻ وٽ رکي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن مکي مان ڪو مسلمان مديني هليو وڃي ته مسلمان ان کي پاڻ وٽ نه ٿا رکي سگهن پر ان کي واپس مکي موڪلڻو پوندو.

هي اهڙيون سخت شرطون هيون جيڪي ظاهري طور ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه پئي آيون.

## حضرت فاروقِ اعظم ۽ جوشِ ايماني جو مظاهرو

ايسيتائين جو امت جا تمام وڏا مدبر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عنہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: اَلَسْتَ نَبِيَّ اللّٰهِ حَقًّا (يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم!) ڇا اوهان سچا نبي نہ آهيو؟ حضور جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بَلٰى ڇو نہ...؟ (ضرور مان سچو نبي آهيان). عرض ڪيائون: اَلَسْنَا عَلَى الْحَقِّ وَعَدُوُّنَا عَلَى الْبَاطِلِ ڇا اسان حق تي ۽ اسان جو دشمن باطل تي نہ آهي...؟ فرمايائون: بَلٰى ڇو نہ. حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عنہ عرض ڪيو: فَلِمَ نُعْطِي الدَّنِيَّةَ فِي دِيْنِنَا يعني جڏهن اهو حال آهي تہ پوءِ اسان پنهنجي دين ۾ گهٽتائي اچڻ ڇو ڏيون (يعني اسان غير مسلمن جون اهڙيون سخت شرطون ڇو مڃيون؟) پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنِّي رَسُوْلُ اللّٰهِ وَلَسْتُ اَعْصِيْهِ وَهُوَ نَاصِرِيْ يعني اي عمر! مان الله جو رسول آهيان، مان الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪندو آهيان، اُهو ئي منهنجو مددگار آهي[1].

يعني هن صلح جي اندر جيڪو راز هو، بظاهر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جهڙا مدبر (*WisePerson*) بہ ان کي سمجهي نہ سگهيا، پر هي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمت، تدبير ۽ دوراند يشيءَ جو تمام اعليٰ ترين فيصلو هو. جڏهن هي معاهدو ٿي چڪو تہ الله پاڪ هن صلح جي باري ۾ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ۙ<br>(پارو: 26، سورة فتح: 1) | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ اسان توهان جي لاءِ روشن فتح جو فيصلو فرمائي ڇڏيو. |

1...بخاری، کتاب:الشروط، باب:الشروط فی الجہاد، صفحہ:707، حدیث:2731-2732۔

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي صلح جنهن کي ظاهري طور شڪست سمجهيو پيو وڃي، هن صلح جي پردي ۾ اسان توهان جي لاءِ روشن فتح رکي ڇڏي آهي.[1]

## انهن جي جا تدبير آ، سا تقدير آ

سُبۡحٰنَ اللّٰه! هن صلح ۾ ڪهڙي حڪمت هئي، اها ٿوري ئي عرصي کان پوءِ واضح ٿيڻ شروع ٿي وئي. عُلماءِ ڪرام لکن ٿا: ◈ پهريان اهلِ اسلام ۽ ڪافرن جي وچ ۾ جنگ هئي، تنهنڪري غير مسلمن کي اهلِ اسلام جي ويجهو اچڻ جو موقعو نہ ملندو هو، جڏهن هي صلح ٿي وئي تہ غير مسلم، مسلمانن وٽ اچڻ وڃڻ لڳا، سندن طور طريقا، ۽ آدابِ زندگي ويجهو کان ڏسڻ لڳا، قرآن ڪريم جون آيتون پڙهڻ لڳا، ان جي برڪت سان سندن دلين ۾ اسلام جي روشني ڦهلجڻ شروع ٿي وئي ◈ اهڙي طرح پري ۽ ويجهي وارا اُهي قبيلا جيڪي مڪي جي قريشن جي خوف سبب مسلمانن کان پري هئا، اهي بہ ويجهو اچڻ لڳا ◈ وڌيڪ هي تہ اڳ ۾ مسلمانن کي مڪي جي ڪافرن جي خطري مان ئي فرصت نہ ملندي هئي، هن صلح کان پوءِ اُهو خطرو في الحال ٽري ويو، تنهنڪري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم روم ۽ ايران (*Rome & Iran*) وغيره پري پري جي بادشاهن ڏانهن خط روانا ڪيا، انهن کي اسلام جي دعوت ڏني. مطلب تہ هن صلح کان پوءِ ئي اسلام جي روشني پري پري تائين پکڙجڻ شروع ٿي وئي، ان جو نتيجو هي نڪتو جو صرف 3 سالن جي عرصي بعد مڪو بہ فتح ٿي ويو ۽ اسلام جي روشني بہ ڦهلجي وئي. علماءِ ڪرام لکن ٿا تہ: هنن 3 سالن ۾ ايترا تہ ماڻهو مسلمان ٿيا

[1] تفسير در منثور، پاره:26، سورة فتح، زير آيت :1، جلد:7، صفحه:509 ملخصاً

جو ان کان اڳ ايترا نہ ٿيا هئا، هنن ٽن سالن ۾ اسلام کي اُها ترقي ۽ اُهو عروج مليو جيڪو ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ مليو هو.[1]

سُبْحٰنَ الله! هِي هو پياري آقا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمت، دانائي ۽ تدبير جو اهو شاهڪار جنهن سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. مولانا حسن رضا خان صاحب رحمۃُ اللّٰہِ علیہ لکن ٿا:

کام جو اُن سے ہُوا، پُورا ہوا | اُن کی جو تدبیر ہے تقدیر ہے[2]

يعني پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جنهن بہ ڪم ڏانهن رخ ڪندا آهن، اهو انجام تائين پهچي ويندو آهي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو شان اِهو آهي جو جنهن بہ ڪم لاءِ جيڪا حڪمتِ عملي ترتيب ڏيندا آهن، تقدير جو قلم بہ ان ئي طرف هلڻ شروع ٿي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صلح حُديبيہ مان ملڻ وارا ۾ سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! صلح حُدَيْبِيَه جي هن واقعي مان هُونئن تہ ڪيترائي سبق سکڻ لاءِ ملن ٿا، پر پنهنجي موضوع جي مناسبت سان مان صرف 2 ڳالهيون عرض ڪري رهيو آهيان:

## (1) تعميري ڪمن تي توجه ڏيو!

هن مان پهريون سبق اسان کي هي سکڻ لاءِ ملي ٿو تہ **جيڪڏهن اسان برائي جون پاڙون نہ ٿا پٽي سگهون تہ اسان کي وقتي طور ان کان منهن موڙي،**

[1] سيرت مصطفى، صفحہ:360۔
[2] ذوقِ نعت، صفحہ:224۔

**تعميري ڪمن ۾ لڳي وڃڻ گهرجي.**

توهان هن ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمت ۽ دانائي ڏسو! جيڪڏهن مڪي جي ڪافرن سان هي امن معاهدو نہ ٿئي ها تہ مسلمان جنگين ۾ مصروف رهن ها، پري پري وارن قبيلن تائين اسلام جو پيغام نہ پهچي ها، ٻين ملڪن جي بادشاهن کي خط لکڻ جو موقعو نہ ملي ها."تنهنڪري، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عارضي طور تي مڪي جي ڪافرن جي سامهون امن معاهدي جي ديوار کڙي ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي پنهنجي اصل (حقيقي) مقصد کي اڳتي وڌايو.

هن کي چوندا آهن: اختلاف تي مقصد کي ترجيح ڏيڻ (يعني ***Mission over Conflict***)

## ناڪاميءَ جو هڪ سبب

اسان وٽ ائين ٿيندو آهي تہ ناڪامين جي هڪ وڏي سبب ڏانهن توجهہ نہ ڏني ويندي آهي، اهو سبب ڪهڙو آهي؟ اُهو هي آهي تہ ماڻهو جهيڙن جهٽن ۾ پئجي پنهنجو اصل مقصد (***Real aim***)وِساري ويهندا آهن ◈ مثال طور: ڪي ماڻهو اهو پڪو ارادو ڪندا آهن تہ جيسيتائين مان پنهنجي گهر مان فلمون ۽ ڊراما بند نہ ڪرايان تيسيتائين مون کي آرام نہ ايندو، هاڻي هن مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن وڏي پاءُ سان جهيڙو ڪرڻ، ڪڏهن ڀيڻ سان بدتميزي ڪرڻ، ڪڏهن ماءُ سان رُسي وڃڻ ۽ ڪڏهن والد صاحب کان منهن موڙي ڇڏڻ، ان جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي؟ جو گهر وارا سمجهڻ بجاءِ ويتر بدظن ٿي ويندا آهن. ان جو بهترين حل هي آهي تہ توهان گهر وارن کي پيار، محبت ۽ حڪمتِ عملي سان سمجهايو، جيڪڏهن سمجهي وڃن تہ نيڪ، نہ تہ

انهن جي هن ڪم ڪي دل ۾ خراب سمجهندي عارضي طور خاموشي اختيار ڪريو، محلي وارن ڪي، پنهنجن دوستن يارن ڪي نيڪي جي دعوت ڏيندا رهو ۽ گهر ۾ صرف پنهنجو سنو ڪردار ڏيکاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هڪ ڏينهن اُهو وقت ايندو جو توهان جا گهر وارا پاڻ ئي توهان جي ڳالهه سمجهي ويندا ◈ اهڙي طرح جيڪڏهن اسان پنهنجن ڪاروباري معاملن کي بہ ڏسون ◈ گهريلو معاملن تي غور ڪريون ◈ روزمره جي زندگي تي غور ڪريون، توهان کي هر جاءِ تي هي ڏسڻ ۾ ايندو تہ ماڻهو وِڙهڻ ۽ جهيڙا ڪرڻ ۾ لڳل هوندا آهن ◈ هن هِينئن ڪيو تہ مان هِنيئن ڪندس ◈ فلاڻي مون کي نہ گهرايو تہ مان بہ ڪيس نہ گهرائيندس ◈ پنهنجي دڪان تي ويهي پنهنجي دڪان تي توجهه ڏيڻ بدران ٻين جي باري ۾ بدگماني ڪندا رهندا آهن، اڄ گراهڪ (*Customer*)نہ آيا آهن ڇوتہ فلاڻي جي نظر تمام خراب آهي، فلاڻو تعويذ ڪرائي ڇڏيندو آهي ◈ فلاڻي جادو ڪرائي ڇڏيو آهي تنهنڪري گهر جو سُڪون برباد ٿي ويو آهي. اڙي ادا! جهيڙن جهَڳَڙن کي ڇڏي ڏيو! يقين ڪريو! جيترو وقت اسان ٻين کي جهُڪائڻ ۾ لڳائيندا آهيون، ان جو اڌ وقت بہ جيڪڏهن اسان پاڻ کي سنوارڻ تي لڳايون تہ اسان ترقي ڪري سگهون ٿا. پر حالتون اهڙيون آهن جو اسان پنهنجو سمورو وقت ٻين کي جهُڪائڻ ۾ لڳائي ڇڏيندا آهيون، پوءِ جڏهن اصل مقصد ۾ ناڪامي ٿيندي آهي تہ بدشُگونيون ڪرڻ شروع ڪندا آهيون تہ ◈ڪاري ٻلي رستو ڪٽي وئي هئي، ان ڪري ڪامياب نہ ٿيس ◈ فلاڻي منحوس جو منهن ڏٺو هو، تنهنڪري ناڪامي ٿي.

**اختلافن کي سلجهائڻ (يعني Conflict management) هڪ مڪمل مضمون (Subject) آهي**، اسان کي اِهو سکڻ گهرجي، اختلافن کي بس وڌائيندو رهڻ،

هر وقت رڳو اختلافن ۾ ئي رُڌل رهڻ ڪافي نہ هوندو آهي، اِهو ترقي ڪي روڪي ڇڏيندو آهي، تنهنڪري اختلافن کي حڪمتِ عملي ۽ تدبير سان مينج *manage* ڪري پنهنجي مقصد ڏانهن وڌڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي اهڙي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2): سچي تدبير اپنايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! صلح حُدَيبِيه مان اسان کي ٻيو سبق هي سکڻ لاءِ ملي ٿو تہ اسان کي ڪمن ۾ تدبير اختيار ڪرڻ گهرجي. تدبير جي معنيٰ آهي: اَلنَّظْرُ فِیْ عَاقِبَةِ الْاَمْرِ يعني ڪم جي نتيجي کي ڪم ڪرڻ کان اڳ سوچڻ.[1]

ڏسو! صلح حديبيہ جي موقعي تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنھم سخت شرطن کي ڏسي رهيا هئا، پر پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم هن صلح جي نتيجي ۾ ملڻ واري فتحِ مبين (روشن فتح) تي نظر فرمائي رهيا هئا. هن صلح جي نتيجي ۾ غير مسلمن جي ويجهو اچڻ، اسلام کي سمجهڻ ۽ دائره اسلام ۾ داخل ٿيڻ کي ڏسي رهيا هئا. پوءِ هن تدبيرِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو اُهو نتيجو نڪتو جو دنيا دَنگ رهجي وئي.

## عملن جي انجام کان غافل نہ ٿيو!

معلوم ٿيو تہ اسان کي بہ تدبير اختيار ڪرڻ گهرجي. معذرت سان عرض ڪري رهيو آهيان، اسان ماڻهو بهتر تدبير نہ ڪندا آهيون پوءِ جڏهن ناڪامي ٿيندي آهي تہ پنهنجين ناڪامين (*Failures*)جو الزام تقدير تي هڻي ڇڏيندا آهيون تہ ◈ بس قسمت ئي اهڙي هئي ◈ تقدير ۾ ئي اِهو لکيل هو ◈ انسان

1 لمعات التنقيح، کتاب الآداب، باب الحذر والتانی فی الامور، جلد: 8، صفحہ: 309، زيرِ حديث: 5057۔

چا تہ ڪري سگھي، انسان جي وَسَ ۾ چا آهي، جيڪو اللہ پاڪ لکي ڇڏيو آهي، اهو ئي ٿيڻو آهي.

مان هن ڳالھ جو انڪار نہ ته ڪري سگھان ۽ نہ ئي ڪندس، اَلحمدُلِلّٰه! اسان مسلمان آهيون، اسان جو سچو، پڪو عقيدو آهي تہ:

وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى

يعني هر سٺي ۽ خراب تقدير اللہ پاڪ جي طرفان آهي.

پر اسان کي مُڪافاتِ عمل (عملن جي نتيجي) کان بہ غافل نہ ٿيڻ گھرجي. بيشڪ اسان جا عمل نتيجو ڏيندا آهن. توهان قرآن ڪريم پڙهو! اللہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ مَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَ لٰـكِنْ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ<br>(پارو: 4، سورة آل عمران: 117) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ اللہ انهن تي ظلم ناهي ڪيو بلڪ اهي پاڻ پنهنجين جانين تي ظلم ڪن ٿا |

يعني جيڪي ناڪامي ۽ تباهي جو شڪار ٿيا، انهن تي اللہ پاڪ ڪو ظلم نہ ڪيو، ربُّ رحمٰن ۽ رحيم تہ ڪنهن جي محنت کي ضايع نہ فرمائيندو آهي، اصل ۾ ماڻهن پاڻ پنهنجين جانين تي ظلم ڪيا، پاڻ گناھ ڪمايائون، پاڻ ئي ڪاميابيءَ جون شرطون پوريون نہ ڪيائون، تنهنڪري نتيجو ناڪامي ۽ تباهي نڪتو.

هڪ جاءِ تي اللہ پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ<br>(پارو: 1، سورة بقرة: 134) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان جا عمل توهان جي لاءِ آهن |

هڪ ٻي جاءِ تي فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ (پارو: 3، سورة بقرة: 286) | ترجموڪنزالعرفان: جنهن ساهه جيڪو چڱو ڪمايو اهو انهيءَ جي لاءِ آهي ۽ جنهن ساهه جيڪو برو ڪمايو ان جو وبال انهيءَ تي آهي. |

هڪ هنڌ ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ (پارو: 11، سورة يونس: 52) | ترجمو ڪنزالعرفان: توهان ڪي توهان جي ڪمايل عملن جو ئي بدلو ڏنو پيو وڃي. |

سورة شوريٰ ۾ ته الله پاڪ بلڪل صاف فرمائي ڇڏيو:

| | |
|---|---|
| وَ مَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ (پارو: 25، سورة شوريٰ: 30) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان ڪي جيڪا مصيبت پهتي اها توهان جي هٿن جي ڪيل عملن جي سبب آهي |

معلوم ٿيو ته نتيجو اسان جي عملن جو هوندو آهي، اسان ڪي جيڪا مصيبت پهچندي آهي، پوءِ اُها ناڪاميءَ جي صورت ۾ هجي، تنگدستيءَ جي صورت ۾ هجي، پريشانيءَ جي صورت ۾ هجي، حادثن جي صورت ۾ هجي، اڪثر ڪري اِهي مصيبتون اسان ڪي اسان جي عملن جي نتيجي ۾ ملنديون آهن. تنهنڪري هر ناڪاميءَ جو الزام تقدير تي هڻڻ بجاءِ بهتر آهي ته اسان پنهنجي تدبير تي غور ڪريون. جيڪڏهن ڪنهن ڪم ۾ اسان ڪي ناڪامي ٿي آهي ته ضرور اسان ڪٿي غلطي ڪئي هوندي، اُن غلطيءَ کي سڃاڻڻ جي عادت اختيار ڪرڻ گهرجي.

## بد شُگوني گناھ آھي

ھاڻي تہ خير حالتون تمام گھڻيون خراب ٿي چڪيون آھن، ماڻھو تقدير تي بہ الزام گھٽ ڏيندا آھن، پنھنجي ناڪاميءَ جو سمورو وبال ڪاري ٻلي کي سمجھندا آھن ◈ ڪاري ٻلي رستو ڪٽي وئي ھئي ◈ گھر ھلائڻ جو فن پاڻ کي نہ ايندو آھي، شادي ناڪام ٿي وئي، جھيڙن جھَٽن ۽ طلاق تائين ڳالھہ پھچي وئي تہ الزام صفر مھيني تي تہ صفر مھينو منحوس آھي، تنھنڪري شادي نہ ھلي سگھي ◈ گاڏي پاڻ چڱي نموني نہ ھلائي رھيا ھئا، ڊرائيونگ (*Driving*) جي دوران موبائل تي ڳالھائي رھيا ھئا، تيز رفتاري (*Over Speed*) سان ھلي رھيا ھئا پر خدانخواستہ ايڪسيڊنٽ (*Accident*) ٿي ويو تہ الزام ايمبولينس (*Ambulance*) جي آواز تي ھٽي چڙھيو تہ گھر مان نڪرندي ئي ايمبولينس جو آواز ٻڌو ھو، تنھنڪري ھي مسئلو ٿي ويو ◈ سفر تي وڃڻ جا آداب ھوندا آھن، دعائون پڙھڻيون ھونديون آھن، صدقو خيرات وغيره ڪرڻ گھرجي، سفر تي روانو ٿيڻ کان اڳ نمازِ سفر پڙھڻ سنت آھي، اِھي سمورا ڪم اسان نہ ڪندا آھيون پر رستي ۾ جيڪڏھن ڪو نقصان ٿي وڃي تہ الزام ستارن تي لڳي ويندو آھي تہ اج **ستاروگردش ۾ ھو** ◈ اھڙي طرح غصو پنھنجو ڪنٽرول (*Control*) نہ ٿيندو آھي، زبان جڏھن ھلندي آھي تہ بي لغام گھوڙي جيان ھلندي ويندي آھي، پوءِ جڏھن نتيجي ۾ لڙائي ٿي ويندي آھي تہ الزام ويچاري قينچيءَ (*Scissors*) تي يا گھر جي ٿانوَن تي ايندو آھي تہ خالي قينچي ھلائڻ سان جھيڙو ٿيندو آھي اھڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي مثال آھن.

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي صرف بدشگوني آھي، توھان ٿورو غور تہ

ڪريو! ڇا مَعَاذَالله! ◈ الله پاڪ اسان جو معاملو هڪ ٻلي جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو آهي؟ ◈ ايمبوليَنس (*Ambulance*)جي آواز جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي؟ ◈ اسان جو سمورو گهر ڦينچيءَ جي حوالي ٿي ويو آهي ته هِن گهر ۾ جهيڙو ٿيندو يا نہ ٿيندو، ان جو فيصلو لوهہ جي ٻي جان ڦينچي ڪندي؟ لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِالله.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اَلحمدُلِلّٰه! مسلمان آهيون، اسان جو سچو پڪو عقيدو آهي تہ هن ڪائنات جو پَنُ پَنُ الله پاڪ جي حڪم جو محتاج آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ<br>(پارو: 7، سورة انعام: 57) | ترجموڪنزالعرفان: حڪم صرف الله جو ئي آهي |

هڪ هنڌ فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ قَبْلُ وَ مِنْۢ بَعْدُ ؕ<br>(پارو: 21، سورة روم: 4) | ترجمو ڪنزالعرفان: پهريان ۽ پوءِ حڪم الله جو ئي آهي. |

معلوم ٿيو تہ حڪم الله پاڪ جو هلندو آهي، ڦينچيءَ جو نہ هلندو آهي، ٻليءَ جو نہ هلندو آهي، صفر شريف جي مقدس مهيني جو نہ هلندو آهي، ايمبوليَنس (*Ambulance*)جي آواز جو نہ هلندو آهي، حڪم الله پاڪ جو هلندو آهي ۽ الله پاڪ جو حڪم اڪثر اسان جي عملن سان وابستہ هوندو آهي، جهڙا اسان ڪم ڪندا آهيون، اهڙو ئي نتيجو نڪرندو آهي.

تنهنڪري پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ناڪاميءَ جو الزام تقدير تي هڻڻ،

هَرُو پَرُو بدشگونيون ڪرڻ، انهن ڳالهين مان نڪري اسان کي پنهنجي تدبير تي غور ڪرڻ گهرجي. هر ڪم ۾ سٺي تدبير اختيار ڪريو! پوءِ معاملو الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي قدم چمندي.

## ڪاميابيءَ جون ٻه شرطون

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ شَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِۚ فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِؕ (پارو: 4، سورة آل عمران: 159) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪمن ۾ انهن کان مشورو وٺندا رهو. پوءِ جڏهن ڪنهن ڳالهه جو پڪو ارادو ڪري وٺو ته الله تي ڀروسو ڪيو |

هي ڪنهن به جائز ڪم ۾ ڪاميابي (*Success*) حاصل ڪرڻ جو نصاب آهي، اسان کي **2** ڪم ڪرڻا آهن: **(1):** مشاورت, هي بهتر تدبير جو حصو آهي **(2):** الله پاڪ تي ڀروسو ڪرڻ.

جڻ اسان کي اِهو ٻڌايو پيو وڃي ته ڪنهن به ڪم جي لاءِ بهترين انداز ۾ تدبير ڪريو! ان جي لاءِ ٻين سان صلاح مشورو به ڪريو، جڏهن اِهو سڀ ڪجهه ڪري وٺو ته الله پاڪ تي ڀروسو ڪري اُن ڪم ۾ لڳي وڃو! رب ڪريم توهان کي ڪاميابين سان نوازيندو.

## جڏهن ڪجهه سمجهه ۾ نه اچي رهيو هجي ته....

هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عنه بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن مان ڪنهن معاملي ۾ حيران ٿي وڃان، ڪجهه سمجهه ۾ نه اچي رهيو هجي ته ڇا ڪرڻو آهي ته اهڙي صورت ۾ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي، نصيحت فرمايو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني

سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خُذِ الْاَمْرَبِالتَّدْبِيْرِ جيڪو ڪرڻ چاهيو ٿا، ان ۾ تدبير اختيار ڪريو! (1)

## سڀ کان وڏو عقلمند

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يَااَبَا ذَرٍّ! لَاعَقْلَ كَالتَّدْبِيْرِ تدبير کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ عقل نہ آهي. (2)

يعني ڪم ڪرڻ کان اڳ ان جي نتيجي تي سوچڻ، هي سڀ کان ڪامل عقل آهي، جيڪو ائين ڪندو آهي، ان کي ڪامل عقل وارو چيو ويندو آهي. (3)

تدبیر کے دستِ رنگیں سے تقدیر درخشاں ہوتی ہے
قدرت بھی مدد فرماتی ہے جب کوششِ انساں ہوتی ہے

ڪنهن شاعر چيو آهي:

تم ستاروں کے بھروسے پہ نہ بیٹھے رہنا
اپنی تدبیر سے تقدیر بناتے جاؤ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرشمن جو انتظار نہ ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ هڪ سوچ هيءَ بہ ذهني وئي آهي تہ ماڻهو ڪرشمن ۽ ڪرامتن جو انتظار ڪندا رهندا آهن ◈ جيئن مون دعا ڪري

1…مشكاة المصابيح، كتاب الآداب، باب الحذر والتانى فى الامور، جلد: 2، صفحہ: 226، حديث: 5057۔
2…مشكاة المصابيح، كتاب الآداب، باب الحذر والتانى فى الامور، جلد: 2، صفحہ: 227، حديث: 5066۔
3…لمعات التنقيح، كتاب الآداب، باب الحذر والتانى فى الامور، جلد: 8، صفحہ: 317، تحت الحديث: 5066۔

چڏي آهي اِجهو هاڻ چِتِ ڦاٽندي ۽ مون تي نعمتن جي برسات شروع ٿي ويندي ◈ ڪجهه ماڻهن جو هي ذهن هوندو آهي تہ جيئن تہ مان نماز پڙهندو آهيان، تنهنڪري منهنجي دڪان مان چوري نہ ٿي ٿِي سگهي ◈ جيئن تہ مان تلاوت ڪندو آهيان، تنهنڪري مون کي ڪا وڏي بيماري نہ لڳندي ◈ جيئن تہ مان دعائون پڙهي ڇڏيون آهن، تنهنڪري هاڻي ڪا مشقت نہ ايندي.

هڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ ماڻهوءَ جو الله پاڪ تي يقين پختو آهي، اِها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي پر اسان نيڪي ڪرڻ ڪان پوءِ بہ تدبير جا محتاج آهيون، مثال طور: جيڪڏهن ماڻهو موٽرسائيڪل تي ويهي سفر جي دعا تہ پڙهي ڇڏي پر رستي ۾ ون ويلنگ (*One Wheeling*)شروع ڪري ڇڏي ۽ پوءِ چوي تہ مون دعا پڙهي ڇڏي آهي، تنهنڪري هاڻي ڪجهہ نہ ٿيندو. اِها تہ تدبير کي معطل ڪرڻ واري ڳالهہ آهي.

## مان الله پاڪ جو امتحان نہ وٺندو آهيان

هڪ ڀيري الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام کان ڪنهن پڇيو: ڇا توهان الله پاڪ تي توڪل (يعني ڀروسو) رکندا آهيو؟ فرمايائون: ها! بلڪل رکندو آهيان. عرض ڪيو ويو: پوءِ هِن سامهون واري جبل تي چڙهي پاڻ کي هيٺ اڇلايو! ڏسون تہ، توهان جو رب توهان کي بچائي ٿو يا نہ؟ پاڻ عَلَيهِ السَّلام ڏاڍو سهڻو جواب ڏنو، فرمايائون: مان الله پاڪ تي توڪل ضرور رکندو آهيان پر ان جو امتحان نہ وٺندو آهيان.[1]

ڏسو! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ سمجهڻ جي ڳالهہ آهي، اسان کي بہ

[1] فيض القدير، جلد:3، صفحہ:392، زيرِ حديث:3445۔

غور ڪرڻ گهرجي تہ خدانخواستہ اسان بہ ڪٿي الله پاڪ جو امتحان وٺڻ جي جرئت تہ نہ ڪري رهيا آهيون، مثال طور: ◈نماز پڙهڻ وڃي رهيا آهيون ۽ دڪان کليل ڇڏي ڏنو آهي تہ ڏسان تہ نماز جي برڪت سان دڪان محفوظ رهي ٿو يا نہ؟ ◈گاڏيءَ کي تالو (*Lock*) نہ لڳايو ۽ ياجَلِيْلُ جو ورد ڪري هليا ويا تہ ڏسان تہ الله پاڪ جي نالي ۾ ڪيتري طاقت آهي ...؟ اِها نهايت سخت ڳالهہ آهي. اسان کي اهڙي طرح تدبير ڇڏي توڪل نہ ڪرڻ گهرجي. پر توڪل تہ آهي ئي اهو تہ ماڻهو اسباب اختيار ڪري، پنهنجي وَسَ ۾ جيڪو ڪجهہ آهي، اُهو ڪري، پوءِ نتيجو الله پاڪ جي سپرد ڪري ڇڏي.

## لومڙي ٿئين، شِينهُن چو نہ ٿيئن....؟

شيخ سعدي رحمۃُاللہِعلیہ هڪ واقعو لکيو آهي تہ هڪ شخص هو، جيڪو هڪ پيري روزي روٽيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو، رستي ۾ هلندي هلندي هڪ جاءِ تي جهنگ جي پرسان سندس گذر ٿيو، چا تو ڏسي تہ هڪ لومڙي آهي پيرن کان معذور آهي. هي ڏسي اُهو شخص تمام گهڻو حيران ٿيو ۽ سوچ ۾ پئجي ويو تہ هيءَ پاڻ تہ شڪار ڪري نہ ٿي سگهي، پوءِ کائيندي پيئندي ڪيئن هوندي؟ تنهنڪري اِهو ڏسڻ لاءِ هُو اُتي ئي لِڪي ويهي رهيو. ٿوري دير گذري تہ هڪ شينهن آيو، جنهن جي واتَ ۾ شڪار ڪيل جانور جو گوشت هو، شينهن گوشت آڻي لومڙيءَ جي اڳيان رکيو، لومڙي کائڻ شروع ڪيو، جڏهن ان جو پيٽ پرجي ويو تہ باقي بچيل گوشت شينهن کنيو ۽ پاسي تي ويهي پاڻ کائڻ لڳو.

هي منظر ڏسي اُن شخص جي اندر جذبو جاڳيو ۽ سوچڻ لڳو تہ جيڪو الله پاڪ هن انڌي ۽ معذور لومڙيءَ کي رزق عطا ڪري سگهي ٿو، اُهو يقيناً

مون کي بہ عطا فرمائيندو. اِهو سوچي اُهو شخص هڪ مسجد ۾ وڃي ويهي رهيو، بس ڏينهن رات اللهالله ڪري رهيو آهي، نمازون پڙهي رهيو آهي. دعائون گهُري رهيو آهي تہ اي اُن اپاهج لومڙيءَ کي رزق ڏيڻ وارا مالِڪَ ڪريم! مون کي بہ رزق عطا فرماءِ.

هڪ ڏينهن گذريو، رزق نہ آيو، ٻيو ڏينهن گذريو، رزق نہ آيو، ٽيون ڏينهن بہ گذري ويو، هاڻي تہ هن شخص جو بک کان بُرو حال ٿي ويو، آخرڪار تڙپي تڙپي ۽ روئي روئي بارگاهِ الٰهي ۾ دعا ڪيائين. تڏهن غيب مان آواز آيو: اي شخص! تون لومڙيءَ کي ڏٺو، شينهن کي ڇو نہ ڏٺو، تون لومڙيءَ وانگر ڪنڊ ۾ تہ ويهي رهين، پر ايئن ڇو نہ ڪَيَئي تہ شينهن وانگر پاڻ بہ کائين ها ۽ ٻين کي بہ کارائين ها. توکي هٿ، پير، اکيون، ڪن سڀ ڪجهہ ڏنو ويو آهي، وڃ! محنت ڪر، ڪماءِ، پاڻ بہ کاءُ ۽ ٻين کي بہ کاراءِ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ ڪيترو نہ سکڻ لاءِ سبق آهي، اسان تدبير ڇڏي ڏيون ۽ چئون تہ قدرت منهنجي لاءِ پنهنجا قانون بدلائي ڇڏيندي ۽ مون کي ويٺي ويٺي ملڻ شروع ٿي ويندو. اِها خام خيالي آهي. دعائون ضرور گهُرو، نمازون ضرور پڙهو، الله پاڪ جو نالو ضرور وٺو، تلاوت بہ لازمي ڪريو، پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسان جا سمورا ڪم معجزاتي طور پاڻمرادو ٿي ويندا، ائين نہ آهي پر نيڪيءَ جي برڪت هيءَ هوندي آهي تہ ان جي ڪري اسان کي **درست تدبير** ڪرڻ جو رستو ملي ويندو آهي.

## 3 ماڻهن جي دعا قبول نہ ٿيندي آهي

حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: 3

[1] بوستانِ سعدی مع شرح بہارِ بوستان، صفحہ:155-157 ملخصاً۔

ماڻهن جي دعا قبول نہ ٿيندي آهي:

**(1):** جيڪو ويران جاءِ ۾ قيام ڪري.

**وضاحت:** مثال طور ڪو شخص ويران ۽ ويران جاءِ ۾ رات گذارڻ لاءِ ترسي پوي ۽ هاڻي دعائون ڪندو رهي تہ يا الله پاڪ! منهنجي حفاظت فرماءِ. حديث پاڪ ۾ آهي تہ اهڙي شخص جي اُها دعا قبول نہ ڪئي ويندي آهي.

**(2):** ٻيو اهو مسافر جيڪو رستي تي قيام ڪري.

**وضاحت:** اڳئين زماني ۾ ماڻهو پيدل سفر ڪندا هئا، رستا ڪچا هوندا هئا تہ رستي تي ترسڻ نامناسب ۽ خطرناڪ هوندو هو، تنهنڪري فرمايائون: تہ جيڪو رستي تي رهي، پاڻ کي خطرن جي حوالي ڪري ۽ پوءِ دعائون گهُري تہ ياالله پاڪ! مون کي خطرن کان بچاءِ. تہ اهڙي شخص جي بہ دعا قبول نہ ٿيندي آهي.

**(3):** اهو جيڪو پنهنجو جانور پاڻ ڇڏي ڏئي، هاڻي دعا ڪري تہ اي الله پاڪ! ان کي روڪي ڇڏ! ان جي بہ دعا قبول نہ ڪئي ويندي آهي.[1] چوڻ مشهور چوڻي آهي تہ خُويشتن کردہ را علاجِ نیست يعني پنهنجي ڪئي جو ڪو علاج ناهي.

## جن جون دعائون قبول نہ ٿيون ٿين

سيدي اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ متي ذڪر ڪيل حديث پاڪ لکڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: ◈ اهڙي طرح جيڪو شخص گهر ۾ هٿ ٻَڌي ويهي رهي ۽ چوي

[1] مجمع الزوائد، كتاب الحج، باب ادب السفر، جلد:3، صفحه:366، حديث:5297۔

تہ اي الله پاڪ مون کي رزق عطا فرماءِ ◈ جيڪو پنهنجو مال فضول خرچين ۾ اڏائي ڇڏي ٿو پوءِ چوي تہ مالڪ! مون کي ٻيو بہ عطا فرماءِ ◈ جيڪو ظالمن جي وچ ۾ رهي ٿو پوءِ چوي تہ مولا! مون کي انهن جي ظلم کان محفوظ فرماءِ ◈ اهڙي طرح جيڪو رات جي اونداهيءَ ۾ اڪيلو نڪري ٿو ۽ چاهي تہ چورن ۽ بدمعاشن کان محفوظ رهي ◈ جيڪو رات جو دروازو کليل ڇڏي ڏئي ◈ ٿانوَن کي بِسْمِ الله پڙهي ڍڪي نہ رکي ۽ چاهي تہ سندس ٿانوَ بيمارين کان محفوظ رهن ◈جيڪو بغير هٿ ڌوئڻ جي سمهي پوي اهڙي شخص جا هٿ شيطان چَٽيندو آهي ۽ ان مان برص (*Vitiligo*) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي ◈بنا چار ديواري واري ڇت تي سمهي پوي ۽ چاهي تہ مان سمهڻ جي حالت ۾ ان تان نہ ڪِران. تہ انهن سڀني جون هنن معاملن ۾ دعائون قبول نہ ڪيون وينديون آهن، ڇو تہ انهن اسبابن ۽ تدبير کي ڇڏي دعا گهري آهي.[1]

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هميشہ سٺي تدبير ڪريون، سٺي محنت ڪريون، ان کان پوءِ نتيجو الله پاڪ جي سپرد ڪري ڇڏيون.

کیونکر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ
بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] فضائلِ دُعا، صفحہ:164-166 ملتقطاً۔

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ **12** ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون ذيلي حلقي جي **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي **نيڪ اعمال** جي رسالي مان روزانو جائزو وٺڻ.

◈ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو هي آهي ته اسان پنهنجين عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجن عملن جو جائزو وٺندا رهون. موجوده دور ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُم الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو **نيڪ اعمال رسالي** جي صورت ۾ ڏنو آهي ◈ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن لاءِ **نيڪ اعمال رسالي** ۾ **72** سوال جواب لکيل آهن ◈ هر سوال جي هيٺان **30** خانا آهن ◈ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو هوندو آهي ۽ خانا پُرڻا هوندا آهن ◈ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي ◈ هِن جي ذريعي نه ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

توهان به هي رسالو حاصل ڪريو! نيڪ اعمال جي مطابق روزانو پنهنجو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ◈ اخلاق سنورجي ويندا ◈ ڪردار سنو ٿيندو ◈ عادتون بهتر ٿينديون ◈ نيڪين تي استقامت ملندي ◈ گناهن کان نفرت ٿيندي ◈ دل روشن ٿيندي ◈ محبتِ الٰهي

نصيب ٿيندي ◈ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ◈ روحانيت ملندي ۽ فکرِ آخرت نصيب ٿيندو.

## روزانو جائزو وٺڻ جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ اَلحمدُلِلّٰه! مون کي نيڪ اعمال سان پيار آهي ۽ ان جي ذريعي روزانو پنهنجو جائزو وٺڻ منهنجو معمول آهي. هڪ ڀيري مان دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ صوبي بلوچستان (پاڪستان) جي سفر تي هيس. تہ ان دوران مون گنهگار تي ڪرم ٿي ويو. ٿيو ائين جو رات جو جڏهن مان سُمهيس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف وٺي آيا، مان اجان سندن جلون ۾ گم ٿي هئس تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪي قافلي ۾ روزانو نيڪ اعمال جي رسالي مان پنهنجو جائزو وٺندا آهن، مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس.

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰے | کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

## دارُالاِفتاء اهلِسنت ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي **دارالافتاء اهلسنت** *Darul Ifta Ahlesunnat* هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان کي ملندا: ◈ ڪيترن ئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جي باري ۾ تحريري فتاويٰ ◈ عقيدن جي باري ۾ احڪام ◈ قرآن ۽ حديث جي باري ۾ احڪام ◈ وضو، غسل ۽ ناپاڪيءَ جا احڪام

◈ نماز جي باري ۾ مسئلا ◈ ميت جي باري ۾ مسئلا ◈ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيانات ◈ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن متعلق رهنمائي ڪرڻ وارا مختلف آرٽيڪلز (*Articles*)۽ ڪتاب ◈ مفتيان ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي مشتمل سلسلا ◈ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو! پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً **9 لڳي 45 منٽن** تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **زبان جي حفاظت جي اهميت** (گفتگو جا آداب قسط: **05**) جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو ◈ مڪتبة المدينہ هڪ اهم ڪتاب **بَد شُگُونِي** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ توهان بدشگوني جي تعريف، ان جي متعلق حديثون، شگون جا قسم، ان جا مثال ۽ ان جي باري ۾ ڪثير ديني معلومات پڙهي سگهندا. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان **75 روپين** ۾

حاصل ڪريو.

## حج جي فرضيت

پيارا اسلامي ڀائرو! سڄي زندگي ۾ هڪ ڀيرو حج فرض آهي ۽ ان جي فرضيت جو انڪار ڪندڙ ڪافر آهي،[1] جڏهن تہ طاقت (استطاعت) هئڻ جي باوجود حج نہ ڪندڙ گناهگار آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۷﴾ (پاره:4، سورة ال عمران:97)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله جي لاءِ ماڻهن تي ان گهر جو حج ڪرڻ فرض آهي جيڪو بہ اتي پهچڻ جي طاقت رکي ٿو ۽ جيڪو انڪار ڪري تہ بيشڪ الله سڄي جهان کان پرواهہ آهي.

## حج جا ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ حج ڪرڻ هڪ سڀ کان افضل عمل آهي[2]۞ حج تنگدستي ۽ گناهن کي ائين دور ڪري ٿو، جهڙي طرح ڀٺي لوهہ، چاندي ۽ سوني جي مير کي صاف ڪندي آهي[3] ۞ حج ڪندڙ پنهنجي گهر وارن مان چار سو (400) ماڻهن جي شفاعت ڪندو.[4] ۞ مقبول حج، دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي، انهن سڀني کان بهترين آهي ۽ ان جو بدلو جنت کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي.[5]

## حج جا ثواب فرض حج نہ ڪرڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ حج فرض هجڻ جي باوجود ڄاڻي واڻي نہ ڪرڻ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي ۞ جيڪو حج تي قادر هجي ۽ حج نہ

1 درمختار، کتاب الحج، صفحہ:155۔
2 بخاری، کتاب لاحج، باب فضل الحج المبرور، صفحہ:423، حدیث:1519۔
3 ترمذی، کتاب الحج، باب ماجاء فی ثواب...الخ، صفحہ:222، حدیث:810 مختصراً۔
4 مسند بزار، جلد:8، صفحہ:169، حدیث:3196۔
5 احیاء العلوم، کتاب اسرار الحج، الفصل الاول فی فضائل الحج...الخ، جلد:1، صفحہ:318۔

ڪري، اهو سخت ڏوهاري ۽ گنهگار آهي [1] ۞ جنهن کي حج ڪرڻ کان نه ڪا ظاهري ضرورت روڪي، نه ڪو ظالم بادشاهه ۽ نه ئي ڪا اهڙي بيماري جيڪا مانع بڻجي، پوءِ هو حج ڪرڻ بغير مري ويو، ته چاهي يهودي ٿي مري يا نصراني ٿي مري. [2] ۞ جنهن ٻانهي جو جسم تندرست هجي ۽ هو مالي اعتبار کان خوشحال هجي ۽ هو پنجن سالن تائين حج نه ڪري، اهو يقينن محروم آهي. [3]

## حج ۽ عمره شعبي جو اعلان

۞ پيارا اسلامي ڀائرو! اهي عاشقانِ رسول جيڪي گورنمينٽ اسڪيم حج پاليسي 2027 پاڪستان تحت حج تي وڃڻ جو ارادو رکن ٿا ۽ دعوتِ اسلامي جي حج ۽ عمره شعبي جي حج گروپن ۾ شامل ٿي هن فريضي کي سرانجام ڏيڻ چاهين ٿا، اهي پنهنجي رجسٽريشن فارم جي PDF حج ۽ عمره شعبي جي هن واٽس ايپ نمبر

**03705065072** تي موڪلين.

نوٽ: پاڪستان ۾ ڪٿي به حج ۽ عمره جي تربيت لاءِ هينئر ئي مجلس حج ۽ عمره پاڪستان جي آفيشل نمبرن تي رابطو ڪريو، نمبر نوٽ ڪري وٺو:

**03700032626-03705065072**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ

1 تفسیر نعیمی، پارہ:4 ، سورۃ ال عمران، زیرِ آیت:97، جلد:4، صفحہ:40
2 دارمی، کتاب المناسک، باب من مات...الخ، صفحہ:535، حدیث:1791
3 ابن حبان، کتاب الحج، باب فی فضل الحج و العمرۃ، صفحہ:1016، حدیث:3703۔

مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سُرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: سيني سُرمن ۾ بهتر سرمو اِثمد آهي جوته هي نظر کي روشن ڪندو آهي ۽ پنبڻيون وَڌائيندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج نہ آهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي ارادي (يعني خوبصورتيءَ جي نيت سان) مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ جيڪڏهن زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت نہ آهي، سرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنت آهي ◈ سرمو استعمال ڪرڻ جي 3 منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ 3،3 سَرايُون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ 3 سَرايون ۽ کاٻي اک ۾ 2 سَرايون (3): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ 2،2 سَرايون ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سَرائي تي سُرمو لڳائي ان جو هڪ هڪ ڇيڙو ٻنهي اکين ۾ لڳايو، ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! تڪريم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سڀ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي، پوءِ کاٻي اک ۾ سرمو پايو.[3]

---

1…تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2…ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الکحل بالاثمد، صفحہ:566، حديث:3497۔

3…550سنتيں اور آداب، صفحہ:38۔

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں(1)

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
علم حاصل کرو، جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو(2)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…سامانِ بخشش، صفحہ:147۔
2…وسائلِ بخشش،صفحہ:669 ملتقطًا۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (1)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (2)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2...مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة ...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455